# اولياءَ جي محبت جا فضائل

19-OCTOBER-2023



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

19 آڪٽوبر 2023ء تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# اولياءَ جي محبت جا فضائل

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

✿... غوث پاڪ جي ديوانن کي مبارڪ

✿... اولياءِ ڪرام جي محبت دلين ۾ وڌي ويندي آهي...!

✿... اولياءَ جي محبت جي فضيلت تي حديثُون

✿...جنت جا نوراني ستون( ٿنڀا)

✿... ايمان جي لاءِ سڀ کان مضبوط رسي

پيشڪش
اَلْمَدِيْنَۃُ الْعِلْمِیۃ (اسلامک ريسرچ سينٽر)
(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)
ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# اولياءَ جي محبت جا فضائل

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درود پاڪ جي فضيلت

**فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي مجلسن کي مون تي درودِ پاڪ پڙهي سينگاريو، بيشڪ توهان جو مون تي درود پڙهڻ قيامت واري ڏينهن توهان جي لاءِ نور ٿيندو. (جامع صغير، صفحہ:280، حديث:4580۔)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

تیری اِک اِک ادا پر اے پیارے
سَو درودیں فدا، ہزار سلام

رَبِّ سَلِّم کے کہنے والے پر
جان کے ساتھ ہوں نثار سلام

وہ سلامت رہا قیامت میں
پڑھ لئے جس نے دِل سے چار سلام[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]...ذوقِ نعت، صفحہ:170-171۔

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! سٺي نيت افضل ترين عمل آهي، بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا، مثال طور نيت ڪيو ته نگاهون هيٺ ڪري بيان ٻڌندس، علمِ دين جي تعظيم جي نيت سان جيتري دير تي سگهيو گوڏن ڀر يعني التَّحِيَّات ۾ ويهڻ جيان ويهندس، ضرورتًا سرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪشادي ڪندس، ڌڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي مسلمانن کي سلام ڪندس، هٿ ملائيندس ۽ انفرادي ڪوشش ڪري نيڪيءَ جي دعوت پيش ڪندس. اِنْ شَآءَ اللهُ الْکَرِيْم!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## غوث پاڪ جو ديوانو

**سگِ مدينه** عُفِيَ عَنهُ جي اباڻي ڳوٺ ڪُتيانہ (ڳجرات، الهند) جو هڪ واقعو ڪنهن ٻڌايو ته اتي هڪ **غوثِ پاڪ جو ديوانو** رهندو هو، جيڪو **يارهين شريف** نهايت ئي اهتمام سان ملهائيندو هو. هڪ خاص ڳالهه ان ۾ هيءَ به هئي ته هو سيّدن جي بيحد تَعظِيم ڪندو هو ۽ سيّد گهراڻي جي ننڍڙن شهزادن تي شَفقَت جو هي حال هو جو انهن کي ڪٽي گهمائيندو رهندو هو ۽ ڪين مِنيون شيون وغيره خريد ڪري پيش ڪندو هو، ان ديواني جو انتقال ٿي ويو، ميّت تي چادر وِڌل هئي، سوڳوار جمع هئا ته اوچتو چادر

1...بخاري، ڪتَاب بَدء الْوَحي، صفحو:65، حديث:1۔

هنائي ڪري اهو غوثِ پاڪ جو ديوانو اُتي پيو، ماڻهو خوف سبب ڀڄڻ لڳا، ان پڪاريندي چيو: ڊڄو نه، ٻُڌو ته سهي! ماڻهو جڏهن ويجهو آيا ته چوڻ لڳو: ”ڳالهه دراصل هي آهي ته هينئر ئي منهنجا پارهينءَ وارا آقا، پيرن جا پير، پيرِ دستگير، روشن ضمير، قُطبِ ربّاني، محبوبِ سُبحاني، غوثُ الصَّمَداني، قنديلِ نوراني، شهبازِ لامڪاني، پيرِ پيران، ميرِ ميران، الشيخ ابو محمد عبدالقادر جيلاني قُدِّسَ سِرُّہُ الرَّبَّانِي تشريف فرما ٿيا، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مون کي ٿُڌو هنيائون ۽ فرمايائون: **اسان جو مُريد ٿي ڪري بغير توبهه ڪرڻ جي مري وئين؟ اُٿ ۽ توبهه ڪري وٺ.**

اَلحَمدُلله منهنجو روح واپس آيو آهي ته جيئن مان توبهه ڪريان، ايترو چوڻ کان پوءِ ديواني پنهنجن تمام گناهن کان توبهه ڪئي ۽ ڪلمي پاڪ جو ورد ڪرڻ لڳو، پوءِ اوچتو ان جو مٿو هڪ طرف لڙي ويو ۽ سندس انتقال ٿي ويو. (جنات کا بادشاہ،صفحہ:3- 4 بتغير قليل۔)

رضاؔ کا خاتِمہ بِالخیر ہو گا　　اگر رَحمت تری شامل ہے یاغوث

وضاحت: جيڪڏهن تنهنجي شفقت ۽ عنايت گڏ رهي ته اي منهنجا پير! اي پيارا غوث پاڪ! اوهان جي سچي عاشق احمد رضا (رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه) جو خاتمو چڱو ۽ بهترين ٿيندو.

## غوث پاڪ جي ديوانن کي مبارڪون

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي غوث پاڪ شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ڇاته نرالي شان آهي. اَلحَمدُلله! جيڪي غوث اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا ديوانا آهن، سندن مريد آهن، انهن جي لاءِ خوشخبري آهي جو سرڪارِ بغداد

حضورِ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن فرمايو: منهنجو مُريد چاهي ڪيڏو ئي گناهگار ڇو نہ هجي اهو ان وقت تائين نہ مرندو جيسيتائين توبهہ نہ ڪري وٺي (بہجۃ الاسرار،ذکر فضل اصحابہ و بشراہم،صفحہ:191۔)

۽ جيڪو توبهہ ڪري دنيا کان وڃي اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! دوزخ کان بچي جنت ۾ وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو.

ميں جہنم ميں نہ اَب جاؤں گا اِنْ شَآءَ اللّٰهُ | رَہنُما تم کو جو ميں نے ہے بنايا ياغوث[1]

## شيطاني وسوسن جي ڪاٽ

**پيارا اسلامي ڀائرو!** حضورِ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو پنهنجي مريد کي زنده ڪرڻ ۽ توبهہ جي تلقين ڪرڻ اسان جي غوث پاڪ جي زبردست ڪرامت آهي. ڪي ماڻهو اَولياءِ ڪرام جون اهڙيون ڪرامتون ٻڌي مختلف شيطاني وسوسن جو شِڪار ٿي ويندا آهن، مثال طور اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟ مريد کي زِنده ڪرڻ ۽ موت ڏيڻ ۽ توبہ جي تلقين ڪرڻ، هڪ انسان ڪيئن مردا زِنده ڪري سگهي ٿو؟ جيڪو هڪ ڀيري موت جو شڪار ٿيو، ان جو ٻيهر دنيا ۾ اچڻ، زِنده ٿيڻ ممڪن ئي نہ آهي؟ وغيره وغيره انهن سيني وسوسن جو هڪ ئي جواب آهي، الله پاڪ فرمائي ٿو: وَمَا كَانَ عَطَآءُ رَبِّكَ مَحْظُوْرًا (پاره:15،سورة بني اسرائيل:20)

**ترجموڪنزالعرفان:** ۽ تنهنجي رب جي عطا تي ڪا پابندي نہ آهي.

معلوم ٿيو الله پاڪ جي عطا ۾ ڪا رَوڪ ناهي، الله پاڪ جنهن کي جيترو چاهي عطا فرمائي، جيڪو چاهي عطا فرمائي. جيڪڏهن الله پاڪ پنهنجي ڪنهن ٻانهي کي مُردا زِنده ڪرڻ جي طاقت عطا ڪري ٿو تہ ڪنهن

1...وسائل بخشش، صفحہ:541۔

جي ڇا مجال جو الله پاڪ تي اعتراض ڪري. الحمدلله! اسان جو اهو ئي عقيدو آهي تہ الله پاڪ جي عطا جي بغير، پنهنجي ذاتي طاقت سان مُردا زِنده ڪرڻ تہ رهيو پري، ڪو هڪ ڪک بہ نٿو چوري سگهي، ۽ الله پاڪ طاقت بخشي تہ انسان مردا بہ زِنده ڪري سگهي ٿو. الحمد لله! حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي الله پاڪ ئي اها طاقت بخشي هئي جو پاڻ مُردا زِنده ڪندا ها. هاڻي ڪو آهي جيڪو الله پاڪ جي عطا تي اعتراض ڪري سگهي؟

## ڇا مرڻ کان بعد دنيا ۾ واپس موٽڻ ممڪن آهي

۽ جيستائين ڳالهہ آهي مرڻ کان پوءِ ٻيهر زندهہ ٿيڻ جي تہ اهو بلڪل ممڪن آهي، قرآن ڪريم ۾ ڪيترائي اهڙا واقعا موجود آهن جن ۾ مُردن جي زندهہ ٿيڻ جو ذڪر آهي. سورت بقره ۾ واقعو آهي تہ بني اسرائيل جي هڪ نيڪ ٻانهي جي ڳئون کي ذبح ڪري ان جي گوشت جو ٽڪڙو مردي کي لڳايو ويو تہ اهو زندهہ ٿي ويو. ۞ سورت بقره ئي ۾ بني اسرائيل جي ستر هزار مردن جي زندهہ هجڻ جو واقعو موجود آهي. حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام 4 پکي پڪڙي ذبح ڪري انهن جي گوشت جو قيمو ٺاهيو، پوءِ انهن جو گوشت پري مختلف جبلن تي رکيو، پوءِ انهن کي پڪاريو تہ اهو گوشت اڏامي ڪري آيو، قيمو ٺهيل گوشت مان ٻوٽيون الڳ الڳ ٿيون ۽ پنهنجي پنهنجي سرن سان وڃي جڙيون، چارئي پکي ٻيهر زندهہ ٿي ويا، اهو واقعو بہ سورت بقره جي ٽئين سيپاري ۾ موجود آهي ۞ ۽ اصحابِ ڪهف جو واقعو تہ تمام گهڻو مشهور آهي، اهي حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جا اُمّتي هئا، هڪ ظالم بادشاھ جي شر کان بچڻ جي لاءِ پنهنجو ايمان بچائڻ خاطر هڪ غار ۾ پناھ ورتائون، 300 سال تائين سمهي رهيا، 300 سال کان بعد الله پاڪ انهن کي ٻيهر زنده ڪيو.

مطلب تہ: مُردن جو زندھ ٿيڻ اھا ڪا حقيقت جي خلاف ڳالھ ناھي، بلڪل ممڪن آھي، اللّٰہ پاڪ چاھي تہ ايئن ٿي سگھي ٿو. بلڪ ٿيندو بہ آھي.

قلبِ مردہ کو بھی ٹھوکر سے جِلا دو مُرشِد | بِالیقیں تم نے تو مُردوں کو جِلایا یاغوث!
آفتوں میں ہوں گرفتار، مدد کو آؤ | آہ! دُنیا کے غموں نے ہے ستایا یاغوث!
میں جہنّم میں نہ اب جاؤں گا اِنْ شَآءَ اللّٰہ! | رہنما تم کو جو میں نے ہے بنایا یاغوث! (1)

## اولياءِ ڪرام جو شان

**اي عاشقانِ رسول!** اولياءِ ڪرام تمام وڏي رُتبي وارا ماڻھو ھوندا آھن، اللّٰہ پاڪ کين وڏي شان سان نوازيو آھي. سيپاري:11 سورت يونس، آيت: 62_63 ۽ 64 ۾ اللّٰہ پاڪ فرمائي ٿو: اَلَاۤ اِنَّ اَوْلِیَآءَ اللّٰهِ لَا خَوْفٌ عَلَیْهِمْ وَ لَا هُمْ یَحْزَنُوْنَ﴿ۚۖ۶۲﴾ الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا وَ كَانُوْا یَتَّقُوْنَ﴿ؕ۶۳﴾ لَهُمُ الْبُشْرٰى فِی الْحَیٰوةِ الدُّنْیَا وَ فِی الْاٰخِرَةِؕ لَا تَبْدِیْلَ لِكَلِمٰتِ اللّٰهِؕ ذٰلِكَ هُوَ الْفَوْزُ الْعَظِیْمُ﴿ؕ۶۴﴾

**ترجمو ڪنزالعرفان:** ٻڌو بيشڪ اللّٰہ جي ولين تي نہ ڪجھ خوف ھوندو ۽ نہ اھي غمگين ٿيندا. اھي جن ايمان آندو ۽ ڊڄندا رھيا. انھن جي لاءِ دنيا جي زندگي ۾ ۽ آخرت ۾ خوشخبري آھي، اللّٰہ جون ڳالھيون بدلجنديون ناھن، اھا ئي وڏي ڪاميابي آھي (پارہ:11، اليونس:62-64)

**مشھور مفسرِقرآن، مفتي احمديارخان نعيمي** رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ھن آيتِ ڪريم جي تفسير ۾ فرمائن ٿا: اي انسانو! ڪن کولي ٻڌو! آگاھ ٿي وڃو! ھن ۾ شڪ ناھي تہ اللّٰہ پاڪ جي دوستن، سندن قرب جي سعادت ماڻڻ وارن جي شان اھا آھي جو ❁ دنيا ۾ انھن کي ڪنھن بہ مخلوق جو خوف، ڊپ ناھي ٿيندو چوتہ

1...وسائلِ بخشش،صفحہ:540- 541 ملتقطًا۔

سندن دليون الله پاڪ جي خوف کان پريل آهن. ❁ انهن کي دنيا ۽ آخرت ۾ ڪو رنج ۽ غم نه ناهي، الله پاڪ انهن کي ان ٻنهي تڪليفن کان محفوظ رکندو آهي❁ هي اُهي ماڻهو آهن جيڪي سچا، پڪا مومن هوندا آهن، هي هر وقت متقي پرهيزگار رهندا آهن. ❁ نه ڪو فرض، واجب يا سنت ڇڏيندا آهن، نه ڪو ناجائز ڪم ڪندا آهن ❁ انهن جي لاءِ دنيا ۽ آخرت ۾ خوشخبريون آهن. ❁ سندن ولايت جي گواهي ماڻهن جي زبان تي موجود آهي. ❁ انهن جي طرف دليون جهڪن ٿيون. ❁ ۽ مرندي وقت ملائڪ کين جنتي هجڻ جي خوشخبري ڏيندا آهن. ❁ قيامت جي ڏينهن جنت ۾ داخلي جي وقت انهن کي خوشخبريون ڏنيون وينديون. ❁ هي الله پاڪ جا وعدا آهن جيڪي ڪڏهن تبديل ناهن ٿيندا، اي انسانو! هي وڏي ڪاميابي آهي، ان جي طرف مائل ٿيو.

(تفسيرِ نعيمى،پاره:11،يونس،زيرِ آيات: 62-63 -64 بتغير قليل۔)

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! اولياءِ ڪرام جون ڪيتريون عظمتون آهن، الله پاڪ کين دنيا ۾ به بلند مقام عطا فرمائيندو آهي ۽ آخرت ۾ به انهن کي بلند مقام ڏنا ويندا، الحمدلله! اولياءِ ڪرام دنيا ۾ به سردار آهن ۽ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! آخرت ۾ به سردار هوندا.

## اولياءِ ڪرام جي محبت دلين ۾ وڌي ويندي آهي

**اي عاشقانِ رسول!** قرآن ڪريم ۾ ۽ ٻين به ڪيئي هنڌن تي اولياءِ ڪرام جي شان بيان ڪئي وئي آهي، سيپارو: 16، سورت مريم آيت نمر 96 ۾ ارشاد ٿئي ٿو: اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ سَيَجْعَلُ لَهُمُ الرَّحْمٰنُ وُدًّا

**ترجموڪنزالعرفان:** بيشڪ اهي جن ايمان آندو ۽ نيڪ عمل ڪيا عنقريب رحمٰن انهن جي لاءِ محبت پيدا ڪندو. (پاره:16، المريم:96)

سُبْحٰنَ الله! معلوم ٿيو، اهي ماڻهو جن ايمان آندو، ايمان جي اعليٰ مقام تائين پهتا، سڄي حياتي انهن جو ايمان، سندن عقيدو هر عيب کان، هر ڪمي کان پاڪ رهيو، اهي ايمان جي لحاظ کان به ڪامل ٿيا، عقيدي جي لحاظ کان به ڪامل ٿيا، پوءِ ان سان گڏوگڏ انهن نيڪ عمل به خوب ڪيا، انهن پنهنجي سڄي زندگي الله پاڪ جي ڪامل بندگي ۾ گذاري، انهن جي اها شان آهي جو الله پاڪ پاڻ به انهن سان محبت فرمائيندو آهي ۽ گڏوگڏ ماڻهن جي دلين ۾ به انهن جي محبت رکي ويندي آهي.

## اولياءِ ڪرام جي محبت دلين ۾ ڪيئن وڌي ويندي آهي؟

**حديث پاڪ** جي مشهور ڪتاب **مسلم شريف** ۾ حديث پاڪ آهي، حضُورِ پاڪ، صاحب ِلولاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: الله پاڪ جڏهن ڪنهن ٻانهي سان مَحَبَّت ڪندو آهي ته حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلَام کي ڳُهرائيندو آهي، پوءِ فرمائيندو آهي ته اِنِّي اُحِبُّ فَلَانًا فَاَحِبَّهُ يعني(اي جبريل!) مان فُلاڻي سان مَحَبَّت ڪندو آهيان، تون به ان سان مَحَبَّت ڪر،“ سو حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلَام ان ٻانهي سان مَحَبَّت ڪرڻ لڳندو آهي، پوءِ هي محبتن جو سلسلو هتي ناهي رڪندو بلڪ ثُمَّ يُنَادِی فِي السَّمَآءِ پوءِ آسمانن ۾ اعلان ڪيو ويندو آهي: اِنَّ اللهَ يُحِبُّ فُلَانًا فَاَحِبُّوْهُ يعني اي آسمان وارؤ! بيشڪ الله پاڪ فُلاڻي سان مَحَبَّت ڪري ٿو، توهان به ان سان مَحَبَّت ڪريو، پوءِ آسمان وارا ملائڪ ان سان مَحَبَّت ڪندا آهن، پوءِ جڻ سڄي آسمانن ۾ وَلِيُّ الله جي محبت عام ٿي ويندي آهي، پوءِ ان کان بعد ڇا

ٿيندو آهي؟ حديث پاڪ ۾ آهي: ثُمَّ يُوْضَعُ الْقَبُوْلُ فِي الْاَرْضِ پوءِ زمين ۾ ان ٻانهي جي قبوليت رکي ويندي آهي (مسلم،کتاب البر و الصلة و الآداب،باب اذا احب الله عبدا ...الخ،صفحہ:1016،حديث:2637۔ )

سُبْحٰنَ الله! اي عاشقانِ رسول! هي آهي اولياءِ ڪرام جو نرالو شان....! هي الله پاڪ جا اُهي خوش نصيب ٻانها آهن جن ڪان الله پاڪ بہ محبت ڪري ٿو، حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلَام بہ محبت ڪري ٿو ۽ سيئي ملائڪ انهن ڪان محبت ڪن ٿا، پوءِ انهن جي محبت ماڻهن جي دلين ۾ وڌي ويندي آهي.

| | |
|---|---|
| مجھے اولیا کی محبّت عطا کر | تُو دِیوانہ کر غوث کا یاالٰہی! |
| مری لاش سے سانپ بچھو نہ لپٹیں | کرم از طفیلِ رضا یاالٰہی![1] |

## ملائڪن جون ڪجھ ادائون

سُبْحٰنَ الله! ملائڪ اولياءِ ڪرام سان ڪهڙي محبت ڪندا آهن، هي بہ ٻڌي ونو! علّامہ نَجمُ الدّين غَزِّي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: * ملائڪ الله جو ذڪر ڪرڻ وارن (الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن) سان همدردي رکندا آهن، ملائڪ انهن جي تعريف (Praise) ڪندا آهن * انهن جي متعلق سُنو گمان رکندا آهن * الله پاڪ جي دربار ۾ انهن جي نيڪ ڪمن جي گواهي ڏيندا آهن * انهن جي دعائن تي آمين چوندا آهن * اولياءِ ڪرام سان محبت رکندا آهن * انهن جي مجلس ۾ ويهندا آهن * سَفر (Travelling) ۽ اڪيلائي ۾ انهن سان گڏ رهندا آهن * ۽ جڏهن الله پاڪ جو ڪو نيڪ ٻانهو دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويندو آهي تہ ملائڪ ان تي غمگين ٿيندا آهن * انهن جي جنازي ۾ بہ شريڪ ٿيندا آهن * ۽ انهن جي مزارن جي زيارت جي لاءِ بہ تشريف وني ايندا آهن.

(حُسْنُ التَّنْبِہ لِما وَرَدَ فی التَّشبِیہ،جلد:1، صفحہ:231 و334 و 344 و359 و376)

---

1...وسائلِ بخشش،صفحہ:106 ملتقطًا۔

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! جڏهن ملائڪ اولياءِ ڪرام سان محبت ڪن ٿا بلڪ صرف ملائڪ ئي نه، انهن ملائڪن جا آقا، اسان جا پيارا نبي، محمدِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ به اولياءِ ڪرام سان محبت فرمائيندا آهن بلڪ انهن جو ربّ ڪريم، الله ربُّ العٰلمين به اولياءِ ڪرام سان محبت فرمائيندو آهي ته ٻڌايو! اسان پنهنجي آقا جا غلام، الله پاڪ جا عاجز ٻانها ڀلا ڇونه اولياءِ ڪرام سان محبت ڪنداسين. هائو! اسان ضرور اولياءِ ڪرام سان محبت ڪندا هئاسين، ڪندا آهيون ۽ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيۡم! مرڻ گهڙيءَ تائين بلڪ قبر ۾ به انهيءَ محبت سان لهنداسين ۽ حشر ۾ به انهيءَ محبت سان اٿنداسين. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيۡم!!

خُدا تجھ سے تیری وِلا مانگتا ہوں | میں عشقِ شہِ انبیا مانگتا ہوں
صحابہ کی اور اولیا کی محبّت | کی خیرات تجھ سے خُدا مانگتا ہوں(1)

## ولين سڳورن جي فضيلت تي حديثون

**الله پاڪ** جي نيڪ پرهيزگار ٻانهن سان محبت هجڻ وڏي فضيلت جي ڳالھ آهي، اها پاڪيزه محبت هر هڪ کي نصيب ناهي ٿيندي، صرف پاڪيزه طبيعت وارن ماڻهن ئي کي عطا ڪئي ويندي آهي ۽ جنهن ٻانهي جي دل ۾ ولين سڳورن جي محبت موجود آهي، اها هن ڳالھ جي دليل آهي ته هو طبيعت جو پاڪ ۽ چڱي فطرت جو مالڪ آهي. حديث شريف جي ڪتاب مسلم شريف ۾ آهي: الله پاڪ جي آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اَلْاَرْوَاحُ جُنُوْدٌ مُجَنَّدَةٌ روح پاڻ ۾ جڙيل لشڪر آهن (يعني هن دنيا ۾ انساني جسم ۾ اچڻ کان پهريان عالمِ ارواح ۾ روح ملي جُلي ڪري رهندا هئا) پوءِ جيڪي روح(اُتي

---

1...وسائلِ فردوس،صفحه:1ملتقطًا۔

يعني عالم ارواح ۾) هڪ ٻئي کان واقف هئا، (دنيا ۾ اچي ڪري بہ انهن کان) محبت ڪندا آهن ۽ جيڪي اُتي پاڻ ۾ اجنبي ٿي رهيا، اُهي هتي بہ الڳ ٿي رهندا آهن. (مسلم،کتاب البر و الصلۃ و الآداب،باب الارواح جنود مجندۃ،صفحہ:1017،حدیث:2638۔)

**پيارا اسلامي ڀائرو!** هن حديث شريف تي غور ڪيو! هن دنيا ۾ اسان جا ڪيترائي واقف هوندا آهن، ڪو اهڙو هوندو آهي جنهن سان اسان محبت ڪندا آهيون، ڪجھ اهڙا ماڻهو هوندا آهن جن سان صرف دعا سلام هوندي آهي، ڪجھ وري اهڙا بہ هوندا آهن جن کي اسان سڃاڻيندا تہ آهيون، نالي جي بہ خبر هوندي آهي، شڪل سان بہ واقف هوندا آهيون پر انهن سان ڪا دعا سلام ناهي هوندي ۽ هزارين لکين ماڻهو دنيا ۾ اهي آهن، جن کي اسان سڃاڻيندا ئي ناهيون، اصل ڳالھ ڇا آهي؟ اصل ۾ ڳالھ هيءَ آهي تہ جن سان اسان جي روحن جي دنيا ۾ چڱي طرح ڄاڻ سڃاڻ هئي، انهن سان دنيا ۾ بہ اچي ڪري چڱي واقفيت ٿي ويندي آهي، جن سان اُتي واقفيت نہ هئي، انهن سان هتي اچي ڪري بہ واقفيت ناهي هوندي.

هاڻي ٿورو غور ڪيو! ❁جن جي دلين ۾ حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ الله عَلَيْه جي محبت موجود آهي. ❁ جيڪي خواجهءِ اجير رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سان محبت ڪن ٿا. ❁جيڪي داتا حضور رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سان محبت ڪن ٿا. ❁جيڪي بابا فريد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا چاهڻ وارا آهن. ❁جيڪي خواجہ نظام الدين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي محبت دل ۾ رکن ٿا. ❁جيڪي منهنجي رضا سيدي اعلي حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي محبت ۾ ڏينهن رات گذارين ٿا. ❁ اهي ڪيترا تہ خوش نصيب ماڻھو آهن. ❁ڪيترا تہ پاڪيزہ طبيعت انسان آهن. هن حديث شريف مان معلوم ٿي رهيو آهي تہ اسان جي دلين ۾ غوث پاڪ ۽ خواجہ جي محبت، اولياءِ ڪرام جي محبت اڄ کان نہ آهي

بلڪ هزارن سالن کان آهي، اَلحَمدُلله! اولياءِ ڪرام کان محبت ڪرڻ وارا اُهي خوش قسمت آهن جن جي عالم اَرواح ۾ موجود ڪروڙين روحن مان جيڪي روح چڱا لڳا هئا، جن جي طرف اهي مائل ٿيا هئا، اُهي ڪي عام ماڻهو نه هئا بلڪ نيڪيون ڪرڻ وارا، الله پاڪ جا محبوب يعني اولياءِ ڪرام هئا.

صحابہ کا گدا ہوں اور اَہلِ بیت کا خادِم
یہ سب ہے آپ ہی کی تو عنایت یارسولَ اللہ!
تمہارا فضل ہے جو میں غُلامِ غوث و خواجہ ہوں
نہ ہو کم اَوْلیا کی دِل سے اُلفت یارسولَ اللہ! (1)

## رشڪ جي قابل ماڻهو

الله! الله! **پيارا اسلامي ڀائرو!** اولياءِ ڪرام جي محبّت جي به ڇا ڳالهه آهي...!! هيءَ اُها پاڪيزه محبت آهي جيڪا اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! جنت ۾ وڃڻ جو ذريعو بڻجي ويندي. جي ها! اها سچي ڳالهه آهي، حضرت اَنس بن مالڪ رَضِيَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: هڪ ڀيري هڪ شخص بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيو، عرض ڪيائين: مَتَى السَّاعَةُ؟ يعني يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! قيامت ڪڏهن ايندي؟

(يقيناً اسان جا آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ قيامت جو علم رکن ٿا، ڪين معلوم هو ته قيامت ڪڏهن ايندي، تڏهن ته پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ قيامت جون نشانيون بيان فرمايون، قيامت ڪهڙي ڏينهن ايندي، هي به ٻڌايائون، ڪهڙيءَ تاريخ تي ايندي، هي به ٻڌايائون. ها! صرف سال نه ٻڌايائون، ان ڪري جو سال ٻڌائڻ جي اجازت نه هئي، بهرحال

1...وسائلِ بخشش،صفحہ:330۔

صحابيءِ رسول رَضِیَ اللهُ عَنْہ جن جڏهن پڇيو تہ قيامت ڪڏهن ايندي؟ تہ) پاڻ صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن انهن جو جواب ڏيڻ جي بدران فرمايو: وَمَاذَاۤاَعۡدَدۡتَ لَهَا؟ توهان قيامت جي لاءِ ڇا تياري ڪئي آهي؟

(**صحابہءِ ڪرام** رَضِیَ اللهُ عَنۡهُم يقيناً نمازون بہ پڙهندا هئا، تلاوت بہ ڪندا هئا، روزا بہ رکندا هئا، نيڪيون بہ ڪندا هئا پر صحابي رسول رَضِیَ اللهُ عَنْہ جو مبارڪ انداز ڏسو پاڻ ڪنهن نيڪيءَ تي ڀروسو نہ ڪيائون، بلڪ) عرض ڪيائون: لَاشَیۡءَ يعني يارسولَ الله صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! مان ڪا تياري تہ نہ ڪري سگهيو آهيان. (نمازون تہ آهن، نيڪيون تہ آهن پر انهن تي ڀروسو نہ آهي، الله پاڪ چاهي تہ قبول فرمائي، نہ چاهي تہ قبول نہ فرمائي)، اِلَّا اَنِّیۡ اُحِبُّ اللهَ وَرَسُوۡلَهٗ البتہ مون وٽ هڪ دولت آهي ۽ قيامت جي لاءِ مون وٽ اهو ئي هڪ سهارو آهي ۽ اهو هيءَ آهي تہ مان الله پاڪ ۽ ان جي پياري محبوب سان محبت ڪندو آهيان.

**رسولِ اڪرم، نورِ مجسم** صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جن اِهو ٻڌي فرمايو**: اَنۡتَ مَعَ مَنۡ اَحۡبَبۡتَ يعني توهان جنهن سان محبت ڪيو ٿا، قيامت جي ڏينهن انهيءَ سان گڏ **رهندؤ**.( بخاری،کتاب فضائل اصحاب النبی،باب مناقب عمر بن الخطاب...الخ،صفحہ:934 ،حدیث:3688۔)

پوچھے گا مولیٰ لایا ہے کیا کیا؟ | میں یہ کہوں گا، نامِ مُحَمَّد(صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَسَلَّم)[1]

سُبۡحٰنَ الله! هن حديث شريف مان معلوم ٿيو تہ دنيا ۾ انسان جنهن سان محبت ڪندو آهي، قيامت جي ڏينهن انهيءَ سان گڏ اٺاريو ويندو. هاڻي ٿورو غور فرمايو! اهي ڪيترا خوش نصيب آهن. ❁ جيڪي غوث پاڪ ڪان محبت ڪن ٿا. ❁ خواجہ ۽ رضا سان محبت ڪن ٿا. ❁اولياءِ ڪرام جي ناليجون

1...قبالۂ بخشش، صفحہ:135۔

محفلون بہ سجائين ٿا. ❁ انهن جي ايصالِ ثواب جو اهتمام بہ ڪن ٿا. ❁انهن جو ذڪر بہ ڪن ٿا. ❁ انهن جا ڳڻ بہ ڳائين ٿا اولياءِ ڪرام جو نالو ٻُڌي ڪري. ❁انهن جي سيرت پڙهي ڪري. ❁ انهن جو ذڪر پاڪ ٻُڌي ڪري جن جي چهرن تي خوشي جي لهر اچي ويندي آهي، اڄ دنيا ۾ اُهي ماڻهو ولين سان محبت ڪن ٿا. ❁ قيامت جي ڏينهن ربّ پاڪ کين انهن ولين سان ئي گڏ رکندو. ❁ انهن سان گڏ حشر بہ ڪندو ۽ الله پاڪ چاهيو تہ انهن جي پويان پويان جنت ۾ بہ پهچندا.

| | |
|---|---|
| آل و اصحاب سے محبّت ہے | اور سب اولیا سے اُلفت ہے |
| یہ سب اللہ کی عنایت ہے | مل گئی مصطفٰے کی اُمّت ہے |
| غوث و خواجہ کی دِل میں اُلفت ہے | قلب میں عشقِ اعلیٰ حضرت ہے |
| مرحبا! اپنی خوب قسمت ہے | پیر و مرشِد کی دِل میں چاہت ہے(1) |

## اوهان کي ڪنهن سان محبت آهي؟

**اي عاشقانِ رسول!** الله پاڪ جي آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: اَلْمَرْءُ مَعَ مَنْ اَحَبَّ انسان انهي سان گڏ هوندو، جنهن سان محبت ڪندو آهي. (بخاری،کتاب الادب،باب علامة حب اللہ ...الخ،صفحہ:1529،حدیث:6168۔)

حديث پاڪ ۾ جتي اولياءِ ڪرام سان محبت جي فضيلت جو پهلو نظر اچي ٿو، اُتي ئي هيءَ حديث شريف اسان جي لاءِ محبت جو معيار پڻ مقرر ڪري ٿي.

1...وسائلِ بخشش،صفحہ:684۔

معلوم ٿيو. ❁جيڪي جنت جي راهه تي هلن ٿا. ❁جيڪي نمازون پڙهن ٿا، سنتون اپنائن ٿا. ❁نيڪ ڪم ڪن ٿا. ❁جنت ۾ وڃڻ وارا اعمال ڪن ٿا. ❁جيڪڏهن اَڄ اسان انهن سان محبت ڪنداسين. ❁انهن سان دوستي ڪنداسين ته اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! قيامت جي ڏينهن انهن سان ئي گڏ هونداسين ۽ الله نه ڪري! ❁جيڪڏهن اڄ اسان جهنم جي راهه تي هلڻ وارن سان گڏ ويهنداسين. ❁جيڪي نمازون نٿا پڙهن. ❁جيڪي روزا نٿا رکن. ❁ جيڪي ڳائڻ وڄائڻ ٻڌن ٿا، فلمون ڊراما ڏسن ٿا. ❁گارگند ڪندا. ❁لڙائي جهيڙو ڪندا. ❁شراب پيئندا. ❁جوا کيڏيندا آهن. ❁الله پاڪ ۽ رسول جي نافرماني ڪندا آهن، جيڪڏهن اسان اهڙن سان دوستي ڪئي ۽ الله نه ڪري توبه ڪرڻ بنا ئي دنيا مان هليا وياسين ته افسوس! حديث پاڪ جي مطابق قيامت جي ڏينهن انهن ئي سان گڏ اتاريا وينداسين. الامان والحفيظ!

| | |
|---|---|
| صحبتِ صَالِح تُرَا صَالِح كُند | صحبتِ طَالِح تُرَا طَالِح كُند |

**ترجمو:** يعني چڱي جي صُحبت توکي چڱو بڻائيندي، بُري جي صُحبت توکي بُرو بڻائيندي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## هي آهي جنهن سان تون محبت ڪندو هُئين

**اي عاشقانِ رسول!** هي سيئي حديثون ٻُڌي ڪري ٿي سگهي ٿو ته ذهن ۾ اهو خيال اچي ته هي حديثون ته ان متعلق آهن جنهن کي انسان ڏٺو هجي، ان کان مليو هجي، پوءِ ان سان محبت ڪئي هجي، اسان ته غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي زيارت به

ناهي ڪئي، داتا حضور رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي صحبت کان محروم رهيا آهيون، خواجہ غريب نواز رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جون ڳالهيون بہ اسان ناهن ٻڌيون، اسان اعلي حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه سان ملاقات جو شرف بہ حاصل ناهي ڪيو، اسان جي لاءِ اها فضيلت ڪيئن تي ٿئي سگهي؟ اسان قيامت جي ڏينهن انهن سان گڏ ڪيئن اٿاريا ويندا سين؟ اچو! انهي خيال کي ردّ ڪرڻ جي لاءِ مان اوهان کي هڪ حديث شريف ٻڌايان ٿو: صحابي رسول حضرت ابوهريره رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ کان روايت آهي الله پاڪ جي آخري نبي، محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: 2 بہ ماڻهو آهن انهن مان هڪ اوير ۾ رهندو آهي، ٻيو اولهہ ۾ رهندو آهي.(يعني ٻنهي جي وچ ۾ تمام گهڻو فاصلو آهي، هڪ دنيا جي هِن ڪنڊ ۾ آهي، ٻيو دنيا جي هُن ڪنڊ ۾ آهي، ٻنهي هڪٻئي کي ڏٺو بہ ناهي، پاڻ ۾ ملاقات بہ ناهي ٿي، هڪٻئي کان ڳالهہ ٻُولهہ بہ ناهي ٿي، رڳو ٻڌو آهي تہ فلاڻي هنڌ هڪ نهايت نيڪ ۽ پرهيزگار ٻانهو رهي ٿو، الله پاڪ جي عبادت ڪندو آهي، رڳو هن بنياد تي) هُو پاڻ ۾ صرف ۽ صرف الله پاڪ جي رضا جي لاءِ محبت ڪندا آهن. فرمايائون: جڏهن قيامت جو ڏينهن ايندو، الله پاڪ انهن ٻنهي کي جمع فرمائيندو ۽ جيڪو محبت ڪرڻ وارو آهي، ان کي چيو ويندو: هَذَا الَّذِى كُنْتَ تُحِبُّهُ فِيَّ يعني هي آهي اهو ٻانهو جنهن سان تُون الله پاڪ جي رضا خاطر محبت ڪندو هُئين.

(شُعَبَ الايمان،باب فی مقاربۃ و موادۃ اہل الدین،جلد:6،صفحہ:492 ،حديث:9022۔)

**الله اڪبر!** ڇا تہ شان آهي....!! اسان غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي زيارت ناهي ڪئي. اها اسان جي محرومي آهي. اسان داتا حضور رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جون ڳالهيون ناهن ٻڌيون، هي بہ اسان جي محرومي آهي. اسان خواجہ غريب نواز رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ۽ سيّدي اعلي حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو زمانو ناهي ڏٺو، هي بہ اسان جي محرومي ضرور آهي پر الله پاڪ جي فضل ۽ ڪرم سان اسان ڪانئس محبت ڪيون ٿا.

اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! قيامت جي ڏينهن اسان کي انهن ولين سڳورن رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِم جي خدمت ۾ حاضر ڪري ڇيو ويندو: هي اُهي وليءَ سڳورا آهن جن سان توهان محبت ڪندا هئا.

ندا دے گا مُنادِی حشر میں یُوں قادریوں کو | کدھر ہیں قادری کر لیں نظارہ غوثِ اعظم کا
چلا جائے بلا خوف و خطر فردوسِ اعلیٰ میں | فقط اک شرط ہے ہو نام لیوا غوثِ اعظم کا

فرشتو روکتے کیوں ہو مجھے جنّت میں جانے سے
یہ دیکھو ہاتھ میں دامن ہے کس کا غوثِ اعظم کا (1)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## قيامت جي ڏينهن قابل رشڪ رتبو ماڻهو وارا

**اي عاشقانِ رسول!** ولين جي محبت جي بہ ڇا تہ نرالي فضيلت آهي، اچو! هڪ ٻي حديث شريف ٻڌون ٿا: حديث پاڪ جي ڪتاب ابوداؤد شريف ۾ مسلمانن جي ٻئي خليفي حضرت عمر فاروق رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي، تہ رسول خدا، احمد مجتبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: بيشڪ الله پاڪ جا ڪي ٻانها اهڙا بہ آهن، جيڪي نہ نبي آهن نہ شهيد (پر سندن شان اهڙي آهي جو) قيامت جي ڏينهن سندن مقام ۽ مرتبي کي ڏسي انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام ۽ شهيد بہ فخر ڪندا. عرض ڪيو ويو: يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اُهي ڪير آهن؟ فرمايائون: هي اُهي ماڻهو آهن جن جي پاڻ ۾ ڪابہ مٽي مائٽي ناهي، جن جو هڪٻئي سان ڪوبہ مالي ڏيڻ وٺڻ ناهي، هي صرف ۽ صرف الله پاڪ جي رضا جي خاطر

---

1...قبالهٔ بخشش،صفحہ:99۔

**محبت ڪرڻ وارا آهن.** (ابو داؤد،کتاب البیوع،باب فی الرہن،صفحہ:561،حدیث:3527ملتقطًا۔)

**اي عاشقانِ رسول!** هوئنن تہ اَلحَمۡدُلله! اسان اولياءِ ڪرام ئي جو صدقو کائون ٿا پر ٿورو غور ڪيو، اسان مان ڪيترا ماڻهو آهن جن کي غوث پاڪ رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَيۡه 10، 20 مربي جو پلاٽ ڏنو هجي؟ ڪير آهي اهو جنهن جي خواب ۾ اعلي حضرت رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَيۡه تشريف ڪٽي آيا ۽ 50 هزار جو چيڪ ڏئي ويا؟ شايد ڪوبہ اهڙو نہ ملندو. پوءِ انهن سان محبت چو ڪيون ٿا؟ نهايت سادو سوال آهي: غوث پاڪ رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَيۡه جي دور مبارڪ ۾ بادشاه ڪير هيو؟ ان دور ۾ وزير ڪير هيو؟ شايد گهڻائي اهڙن ماڻهن جي هوندي، جيڪي اُن دور جي بادشاه يا وزير يا وڏن وڏن مالدارن جا نالا بہ نہ ڄاڻيندا هوندا پر قربان وڃجي!. ✿غوث پاڪ رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَيۡه جو نالو بہ معلوم آهي. ✿ ان جي سيرت جا واقعا بہ معلوم آهن. ✿سندن ڪرامتون بہ معلوم آهن. ✿انهن جي نالي سان محفلون ٿين ٿيون. ✿ انهن جي نالي جي يارهين شريف بہ ڪندا آهيون، آخر چا سبب آهي؟ پنهنجي دل کان پڇي ڏسو! صرف هڪ جواب ملندو: ✿ غوث پاڪ رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَيۡه الله پاڪ جا ٻانها هئا. ✿اهي راتين جو عبادت ڪندا هئا. ✿غوث پاڪ رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَيۡه روزا رکڻ وارا هئا. غُوث پاڪ رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَيۡه نمازون پڙهڻ وارا هئا. ✿ چوتہ هُو الله پاڪ جا محبوب ٻانها هئا. انهي ڪري اسان انهن سان محبت ڪيون ٿا.

۽ جيڪي صرف ۽ صرف الله پاڪ جي رضا خاطر هڪٻئي سان محبت ڪرڻ وارا آهن، انهن جي چا تہ شان آهي؟ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: انهن جا چهرا نُور سان چمڪي رهيا هوندا، روشني سان ڊڪيل هوندا ۽ هُو اُن وقت بي خوف هوندا، جڏهن ماڻهو خوف زده هوندا ۽ جڏهن ماڻهو غم ۾ ورتل هوندا، اُن وقت هو غمگين نہ ٿيندا.

(ابو داؤد،کتاب البیوع،باب فی الرہن،صفحہ:561،حدیث:3527۔)

## عرشِ الٰهي جو سايو ماڻ وارا

سُبْحٰنَ اللّٰہ! پيارا اسلامي ڀائرو! اولياءِ ڪرام سان محبت ڪرڻ وارن جي ڪيتري نرالي شان آهي، حديث پاڪ جي مشهور ڪتاب مسلم شريف ۾ آهي، رسول خدا، احمد مجتبيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: بيشڪ قيامت جي ڏينهن الله پاڪ فرمائيندو: منهنجي عظمت جي خاطر هڪٻئي سان محبت رکڻ وارا ڪٿي آهن” اڄ جڏهن تہ ڪٿي ڪو سايو ناهي، مان انهن کي پنهنجي عرش جو سايو عطا فرمائيندس.( مسلم،کتاب البر و الصلۃ و الآداب،باب فی فضل الحب فی اللہ ،صفحہ:996،حدیث:2566۔)

## جنت جا نوراني ستون ( ٿنڀا)

حضرت ابوهريره رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُ کان روايت آهي، سرڪار مدينہ، قرار قلب و سينہ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: بيشڪ جنت ۾ ياقوت (نالي پٿر) سان ٺهيل ٿنڀا آهن، انهن جي مٿان زبرجد کان جڙيل محل آهن، انهن جا دروازا کُليل آهن، هُو چمڪندا آهن جيئن تارا چمڪندا آهن. پڇيو ويو: يارسولصَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم! انهن ۾ ڪير رهندو؟ فرمايائون: اَلْمُتَحَابُّوْنَ فِی اللّٰہِالله پاڪ جي رضا جي لاءِ پاڻ ۾ محبت رکڻ وارا،

(مسندِ بزّار،جلد:15،صفحہ:282،حدیث:8776۔)

سُبْحٰنَ اللّٰہ! ڇا تہ شان آهي....!! اولياءِ ڪرام سان محبت جو هي جيڪو بي مثال اجر ڏنو ويندو، ان جي بہ ڪا قيمت نٿي ٿي سگهي پر قربان وڃو! الله پاڪ جون عطائون بيشمار آهن، مشهور مفسر قرآن، حڪيم الامت مفتي احمديارخان نعيمي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ هن حديث شريف جي شرح ۾ فرمائن ٿا: اهو جيڪو اجر بيان ٿيو، اهو صرف رضاءِ الٰهي جي لاءِ محبت رکڻ جو آهي، ان محبت جي نتيجي ۾ ٻانهو جيڪو ڪجهہ ڪندو آهي(جيئن غوث و خواجہ جي محبت ۾

جيڪي محفلون تيِنديون آهن، انهن جي ايصال ثواب جي لاءِ جيڪا تلاوت ٿيندي آهي، ڪاڌو، پاڻي ۽ شيرڻي وغيره تقسيم ڪئي ويندي آهي، بکايلن کي کاڌو کارايو ويندو آهي، انهن جي محبت ۾ انهن جهڙا عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي، انهن نيڪ اعمال جو ثواب)، ان اجر کان الڳ آهي. (مرآۃ المناجيح،جلد:6 ،صفحہ:605 بتغير قليل)

| | |
|---|---|
| مری مغفرت کر برائے صحابہ | جگہ خلد میں از پئے اولیا دے |
| عذابِ جہنّم سے خوف آ رہا ہے | مجھے بخش، کر در گزر ہر خطا دے[1] |

## اللّٰہ پاڪ جو پيارو بڻائڻ وارو عمل

**اي عاشقانِ رسول!** اولياءِ ڪرام سان اللّٰہ پاڪ جي رضا جي لاءِ محبت رکڻ جون کهڙيون نہ برڪتون آهن، بيان بہ ڪيون تہ آخر ڪيستائين ڪيون؟ ان پاڪيزه ۽ ايماني محبت جي هڪ بهترين برڪت اها بہ آهي تہ جيڪو پاڻهو اولياءِ ڪرام سان محبت ڪندو آهي، اهو اللّٰہ جو محبوب(يعني پيارو بڻجي ويندو آهي. عاشق مدينہ، حضرت امام مالڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ واقعو لکيو آهي تہ حضرت ادريس خولاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ ڀيرو مان دمشق جي مسجد ۾ ويس، مون ڏٺو اتي هڪ نوراني چهري وارو بُزرگ وينو آهي، ماڻهو سندس آسپاس وينا آهن،(علم دين سکڻ سيکارڻ جو سلسلو هلي رهيو آهي) جڏهن بہ ماڻهن کي پاڻ ۾ ڪو اختلاف ٿئي پيو(مثلاً علم جي ڪا ڳالهہ سمجهڻ ۾ ڏکيائي پيش اچي پئي) تہ هُو انهيءَ نوراني چهري واري بُزرگ کان پڇن پيا، هُو انهن جو مسئلو حل ڪري ڇڏين پيا. مون ماڻهن کان پڇيو: هي نوراني چهري وارو بُزرگ ڪير آهي؟ جواب مليو: هٰذَا مُعَاذُ بْنُ جَبَل يعني هي صحابي رسول حضرت

---

[1] ...وسائلِ فردوس،صفحہ:6۔

معاذ بن جبل رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ آهي. حضرت ادريس خولاني رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: (ان وقت تہ مان واپس هليو ويس) اڳئين ڏينهن منهنجي دل چاهيو تہ مان صبح سيني کان پهريان مسجد ۾ پهچندس! پر جڏهن مان مسجد ۾ پهتس تہ حضرت معاذ بن جبل رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ مون کان پهريان مسجد ۾ تشريف فرما هئا، پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ نماز پڙهي رهيا هئا، جڏهن پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ نماز کان فارغ ٿيا تہ مون اڳتي وڌي سلام ڪيو، پوءِ عرض ڪيو: وَاللّٰهِ اِنِّي لَاُحِبُّكَ لِلّٰهِ يعني خدا جو قسم! مان اوهان سان الله پاڪ جي رضا جي لاءِ محبت ڪيان ٿو. حضرت معاذ بن جبل رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ اهو ٻڌي ڪري فرمايو: ڇا تون هن ڳالهہ تي قسم کڻين ٿو؟ مون عرض ڪيو: جي ها! خُدا جو قسم مان اوهان سان محبت ڪيان ٿو.پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: هاڻي حضرت معاذ بن جبل رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ منهنجي چادر جو دامن پڪڙي مون کي ٿورو پنهنجي طرف قريب ڪيو، پوءِ فرمايائين: توکي مبارڪ هجي. بيشڪ مون رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان ٻڌو آهي تہ الله پاڪ فرمائي ٿو: جيڪي ماڻهو منهنجي رضا جي لاءِ پاڻ ۾ محبت رکندا آهن، انهن جي لاءِ منهنجي محبت واجب ٿي وئي.

(مؤطا امام مالک،کتاب الشعر،باب ما جاء فی المتحابین فی اللہ ،صفحہ:503،حدیث:1828ملتقطًا۔)

**الحاج مفتي احمد يار خان نعيمي** رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ هن حديث شريف جي شرح ۾ فرمائن ٿا: يعني اهو ٿئي نٿو سگهي جو ڪو الله پاڪ جي رضا جي لاءِ سندن ٻانهن کان پيار ڪري ۽ الله پاڪ ان سان محبت نہ ڪري (جيڪو بہ الله پاڪ جي ٻانهن سان صرف ۽ صرف الله پاڪ جي رضا جي لاءِ محبت ڪندو آهي، لازمي طور تي اهو الله پاڪ جو پيارو بڻجي ويندو آهي). مُفتي صاحب رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ وڌيڪ فرمائن ٿا: الله پاڪ کي سجدو ڪرڻو هجي تہ ڪعبي جي طرف منهن ڪري سجدو ڪيو! انهيءَ طرح جيڪڏهن الله پاڪ سان محبت ڪرڻي هجي تہ ان جي ٻانهن کان محبت ڪيو!. (مرآۃ المناجیح،جلد:6،صفحہ:591- 592 بتغیر قلیل۔)

| | |
|---|---|
| صحابہ کی اور اولیا کی محبّت | کی خیرات تجھ سے خدا مانگتا ہوں |
| الٰہی نہیں چاہیئے تختِ شاہی | فقط تیری رحمت، خدا مانگتا ہوں[1] |

## ملائڪ انساني صورت ۾ اچي خوشخبري ٻڌائي

**مسلم شريف** ۾ حديث شريف آهي: هڪ شخص پنهنجي مسلمان ڀاءُ سان مُلاقات جي لاءِ گهر کان نڪتو، ڪنهن ٻئي شهر ڏانهن وڃي رهيو هو، الله پاڪ هڪ ملائڪ کي (انساني روپ ۾) رستي ۾ ويهاري ڇڏيو. جڏهن اهو شخص ملائڪ وٽ پهتو ته ملائڪ پڇيو: ڪٿي جو اِرادو آهي؟ چيائين: مان فلاڻي ڳوٺ ۾ پنهنجي هڪ ديني ڀاءُ سان ملڻ وڃي رهيو آهيان. ملائڪ چيو: ڇا ان توتي ڪو احسان ڪيو آهي (مثلاً ان توکي ڪنهن مشڪل کان بچايو هيو، توکي ڪجھ پيسا ڏنا هئا، توکي نوڪري تي لڳرايو هيو جو) تون ان جو بدلو چڪائڻ پيو وڃي؟ چيائين: نه، اهڙي ڪا به ڳالھ ناهي، مان ته ان سان الله پاڪ جي رضا جي لاءِ محبت ڪيان ٿو، ملائڪ چيو: بيشڪ مان تنهنجي لاءِ الله پاڪ جو پيغام کڻي آيو آهيان ته جهڙي طرح تون ان سان الله پاڪ جي رضا جي لاءِ محبت ڪرين ٿو ايئن ئي الله پاڪ به توکان محبت ڪري ٿو.

(مسلم،کتاب البر و الصلۃ و الآداب،باب فی فضل الحب فی اللہ ،صفحہ:996،حدیث:2567۔)

**اي عاشقانِ رسول!** هن حديث شريف ۾ رضاءِ الٰهي جي لاءِ نيڪ ماڻهن کان محبت رکڻ جي فضيلت جو بيان آهي، ان سان گڏوگڏ اهو به معلوم ٿيو ته جن نيڪ ماڻهن سان، اولياءِ ڪرام سان محبت هجي، انهن سان ملڻ وڃڻ به نيڪي جو ڪم آهي. (مرآۃ المناجیح،جلد:6،صفحہ:588 بتغیر قلیل۔)

[1] ...وسائل فردوس، صفحہ:1-2۔

**حديث پاڪ** ۾ آهي: ٻانهو جڏهن پنهنجي ديني ڀاءُ کان ملڻ جي لاءِ گهر کان نڪرندو آهي تہ 70 هزار ملائڪ ان تي سايو ڪندا ۽ ان جي لاءِ دعا ڪندا آهن.

(شُعَبُ الايمان،باب فی مقاربۃ ...الخ،قصۃ ابراہیم ...الخ،جلد:6،صفحہ:493،حديث:9024۔)

## ايمان جي لاءِ سڀ کان مضبوط رسي

**اي عاشقانِ رسول!** اسان جيڪي اولياءِ ڪرام سان محبت جا فضائل ٻُڌا تہ ❁اُن ايماني محبت جي برڪت سان جنت ملندي آهي ❁ جنت ۾ اوچا ۽ چمڪدار محل ملندا آهن. ❁ ان محبت جي برڪت سان قيامت ۾ امن ملندو. ❁ عرش الٰهي جو سايو نصيب ٿيندو. ❁ الله پاڪ جو پيارو ٻانهو بڻجڻ جي سعادت نصيب ٿيندي، ياد رکو! هي سيئي نعمتون اُنهي وقت ملنديون، جڏهن تہ انسان ايمان وارو بہ هجي ڇوتہ آخرت جي ڪاميابي جي لاءِ سيني کان بنيادي شرط ايمان آهي. انڪري اسان کي پنهنجي ايمان جي حفاظت جو بہ فڪر ڪرڻ گهرجي.

هاڻي اسان کي ايمان جي حفاظت ڪيئن ڪرڻي آهي؟ ان جو طريقو بہ ٻڌي ونو! اسان جي آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ سَرَّهٗ اَنْ يَجِدَ حَلَاوَةَ الْاِيْمَانِ جيڪو ايمان جي مناڻ حاصل ڪرڻ چاهي تو، فَلْيُحِبُّ الْمَرْءَ لَا يُحِبُّهٗ اِلَّا لِلّٰه ان کي گهرجي تہ ان(الله) جي ٻانهن سان صرف ۽ صرف الله پاڪ جي رضا جي لاءِ محبت ڪري.(مستدرک،کتاب الایمان،جلد:1،صفحہ:147،حدیث:3۔)

**امام احمد بن حنبل** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حديث پاڪ لکي آهي، صحابي رسول حضرت براء بن عازب رَضِىَ الله عَنْهُ فرمائن ٿا: اسان بارگاهِ رسالت ۾ ويٺا هئاسين، پاڻ سڳورن صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڇيو: اَيُّ عُرَى الْاِيْمَانِ اَوْثَقُ يعني ايمان جي سڀ کان مضبوط رسي ڪهڙي آهي؟ صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: نماز. فرمايائون: نماز تمام ڀلي آهي پر منهنجي سوال جو جواب اهو ناهي. وري عرض ڪيائون:

رمضان جا روزا. فرمايائون: روزا بہ بهترين عبادت آهن پر منهنجي سوال جو جواب اهو بہ ناهي. صحابہ ڪرام عَلَيۡهِم الرِّضۡوَان عرض ڪيو: جهاد. فرمايائون: هيءُ بہ بهترين عبادت آهي پر منهنجي سوال جو جواب ڪجھ ٻيو آهي. پوءِ حضور صَلَّى الله عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پاڻ ئي جواب ڏيندي ارشاد فرمايو: بيشڪ ايمان جي سڀ کان مضبوط رسي اها آهي تہ توهان الله پاڪ جي رضا جي لاءِ(ان جي ٻانهن مثلاً اولياءِ ڪرام سان) محبت ڪيو! (مسند امام احمد،جلد:7،صفحہ:532،حديث:19027 ملتقطًا۔)

اَلۡحَمۡدُلِله! هن مان معلوم ٿيو تہ ايمان کي سلامت رکڻ جي لاءِ سڀ کان مضبوط رسي ايماني محبّت آهي. اها نهايت اهم ڳالھ آهي، محبت انسان کي پٽڪڻ ناهي ڏيندي. جيڪي بہ عاشقانِ رسول آهن، عاشقانِ اولياءَ آهن، اهي پنهنجو پنهنجو جائزو وٺن، ڪيترائي اهڙا هوندا جو انهن کي شيطان وسوسا ڏياريندو آهي. ❁ تہ نماز قضا ڪري ويهندا آهن. ❁ روزا رکڻ ۾ سُستي ٿي ويندي آهي ايئن نہ ٿيڻ گهرجي، غلط ڳالھ آهي. ❁نماز قضا ڪرڻ. ❁روزا نہ رکڻ هي گناھ جو ڪم آهي پر جيڪا ڳالھ مان عرض ڪرڻ چاهيان ٿو، اها هيءَ آهي تہ جيڪڏهن دل ۾ الله ۽ ان جي رسول جي محبت موجود آهي، اولياءِ ڪرام جي محبت موجود آهي تہ دعوا سان چوان ٿو تہ ڪڏهن بہ ❁الله پاڪ ❁ ان جي پياري محبوب صَلَّى الله عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ❁صحابہ ڪرام عَلَيۡهِم الرِّضۡوَان ❁اهل بيت اطهار❁ اولياءِ ڪرام جي متعلق گستاخي وارو خيال نہ آيو هوندو.

هاڻي تائين اَلۡحَمۡدُلِله! مسلمانن ۾ ايتري غيرت موجود آهي، وڏا وڏا فتنا پيدا ٿيندا آهن، ماڻهو فتنا پکيڙڻ وارن جي طرف مائل ٿي ويندا آهن پر جڏهن سامهون وارو الله پاڪ جي شان ۾ غلط ڳالهائيندو آهي، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى الله عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي گُستاخي ڪندو آهي، صحابہ ڪرام، اهل بيت

اظهار رَضِیَ اللهُ عَنْھُم يا اولياءِ كرام رَحْمَۃُ اللهِ عَلَیْھِم جي شان ۾ نازيبا جملا بڪيندو آهي ته دل ۾ ان جي خلاف نفرت ويهي ويندي آهي، پوءِ دل ان جي ڪابه ڳالھ ٻڌڻ جي لاءِ تيار ناهي هوندي. ايئن انسان اللّٰه ۽ رسول جي محبت جي برڪت سان، اولياءِ ڪرام جي محبت جي برڪت سان فتنن جو شڪار ٿيڻ کان بچي ويندو آهي. خبر پئي، ته اولياءِ ڪرام جي محبت، صحابه و اهل بيت جي محبت ايمان جي مضبوط رسي آهي، جيستائين اسان اها رسي مضبوطي سان پڪڙي رکي آهي، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ايمان محفوظ آهي، جيڪڏهن اها رسّي هٿ مان ڇڏائجي وئي ته فتنن کان پريل هن دنيا ۾ ايمان بچائڻ سخت مشڪل ٿي ويندو.

ڪٹی غفلتوں میں زندگانی | نہ جانے حشر میں کیا فیصلہ ہو
کرم ہو واسطہ کُل اولیا کا | مِرا ایماں پہ مولیٰ خاتمہ ہو
اِلٰہی ہوں بہت کمزور بندہ | نہ دُنیا میں، نہ عقبیٰ میں سزا ہو(1)

انهيءَ ڪري اسان کي گهرجي ته ❁صحابه ۽ اهل بيت سان ❁ اولياءِ ڪرام سان خوب خوب محبت ڪيون ❁ ان پاڪيزه ۽ ايماني محبت کي دل ۾ قائم رکڻ جي لاءِ ڪوششون به ڪندا رهون ❁ انهن جي پاڪيزه سيرت پڙهندا رهون ❁انهن جي ذڪر جون محفلون سجائيندا رهون ❁صرف ۽ صرف عاشقانِ صحابه و عاشقانِ اولياءِ جي صحبت ۾ ويهون. ❁ انهن سان ئي دوستي رکون ❁ اوّل ته سوشل ميڊيا جو استعمال ئي سخت خطرناڪ آهي، جيڪڏهن سوشل ميڊيا استعمال ڪيون به ته ان ۾ صرف ۽ صرف عاشقانِ رسول، عاشقانِ صحابه

---

1...وسائلِ بخشش،صفحہ:316 ملتقطًا۔

و اولياء جي گفتگو ٻڌون، ان جي برڪت سان اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! هي پاڪيزه ۽ ايماني محبت دل ۾ مضبوط رهندي، هيءَ محبت مضبوط رهي ته اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ايمان سلامت کڻي دنيا کان رخصت ٿينداسين.

آپ جیسا پیر ہوتے کیا غرض در در پھروں | آپ سے سب کچھ مِلا یا غوثِ اعظم دست گیر!
راستہ پُر خار، منزل دُور، بَنْ سُنسان ہے | المدد! اے رہنما! یا غوثِ اعظم دست گیر!
اب سرہانے آؤ! مرشِد اور مجھے کلمہ پڑھاؤ | دم لبوں پر آ گیا یا غوثِ اعظم دست گیر![1]

## اولياءِ ڪرام سان دشمني رکڻ کان بچو

**پيارا اسلامي ڀائرو!** اسان اولياءِ ڪرام سان محبت جون فضيلتون ۽ ان جون برڪتون ٻڌيون، ان سان گڏوگڏ اهو به ذهن ۾ رکو! ته اولياءِ ڪرام سان دشمني رکڻ، دل ۾ سندن نفرت رکڻ، اولياءِ ڪرام جون گستاخيون ڪرڻ، سندن شان ۾ هلڪو لفظ به ڳالهائڻ نهايت ئي خطرناڪ ۽ دنيا ۽ آخرت ۾ هلاڪت جو سبب آهي. بُخاري شريف ۾ حديث پاڪ آهي ۽ هيءَ حديث به حديث قدسي آهي يعني ڪلام الله پاڪ جو آهي ۽ بيان مصطفيٰ جان رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو آهي، الله پاڪ فرمائي ٿو: مَنْ عَادٰى لِيْ وَلِيًّا فَقَدْ آذَنْتُهٗ بِالْحَرْبِ جيڪو منهنجي ڪنهن ولي سان دشمني رکي، مان ان سان جنگ جو اعلان ڪيان ٿو. (بخاری،کتاب الرقاق،باب التواضع،صفحہ:1597،حدیث:6502۔)

هي آهي الله پاڪ جي بارگاهه ۾ اولياءِ ڪرام جو مقام ۽ مرتبو، اولياءِ ڪرام جي عزّت، جو جنهن ٻانهي جي دل ۾ اولياءِ ڪرام جي ذري برابر به

---

1 ...وسائلِ بخشش،صفحہ:548- 549 ملتقطًا۔

دشمني هجي، اهو ٻانهو ڪڏهن ٻہ الله پاڪ جو پسنديده ٻانهو نہ ٿو بڻجي سگهي، ايئن هرگز نہ ٿو ٿي سگهي تہ ٻانهي جي دل ۾ اولياءِ ڪرام جي دشمني بہ هجي ۽ اهو ان دشمني سان گڏوگڏ الله پاڪ کي راضي ڪرڻ ۾ ڪامياب بہ ٿي وڃي، ڇو؟ ان ڪري جو جنهن جي دل ۾ اولياءِ ڪرام جي دشمني هجي، الله پاڪ ان سان اعلان جنگ فرمائيندو آهي.

## الله پاڪ جو غضبناڪ ڪلام

**امام احمد بن حنبل** رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي ڪتاب اَلزُّهد ۾ آهي: الله پاڪ حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام کي فرمايو: اي موسيٰ ياد رکو! جيڪو ٻانهو منهنجي ڪنهن وليءَ جي گستاخي ڪندو آهي يا ان کي خوفزده ڪندو آهي تہ بيشڪ ان مون سان جنگ جو اعلان ڪيو. پوءِ مان پنهنجي ولين جي تمام جلد مدد فرمائيندو آهيان. ❁ ڇا مون سان جنگ جو اعلان ڪرڻ وارو اهو سمجهي ٿو. ❁ تہ اهو منهنجي سامهون بيهي سگهندو؟. ❁ڇا اهو هي سمجهي ٿو تہ مونکي عاجز ڪري ڇڏيندو؟ ❁ڇا اهو هي سوچي ٿو تہ مون سان اڳتي وڌي ويندو؟. ❁ ڇا اهو مون کي شڪست ڏيندو؟ ايئن ڪيئن ٿو ٿي سگهي....؟ جڏهن تہ مان دنيا ۽ آخرت ۾ پنهنجي اولياء جو بدلو وٺڻ وارو آهيان.(1)

الله! هي ڪيترو تہ غضب وارو ڪلام آهي. اولياءِ ڪرام ڪان دشمني رکڻ وارن کي ڪيئن ملامت ڪئي وئي آهي..!! تاريخ گواهہ آهي، جنهن بہ اولياءِ ڪرام کي تڪليف پڄائي آهي ان جو انجام عبرتناڪ ٿي ٿيو آهي.

---

[1] ...الزہد لاحمد بن حنبل،اخبار موسیٰ عَلَیْہِ السَّلام، صفحہ:96،حدیث:342۔

## تڪليف پهچائڻ وارا عبرتناڪ موت مُئا

**پيارا اسلامي ڀائرو!** علّامہ محمد بن يحيٰي حَلَبي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اسان پنهنجي اکين سان ڏٺو آهي تہ حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي اولاد کي بہ جيڪڏهن ڪنهن تڪليف پهچائي تہ اهو پاڻ بہ تباهہ ۽ برباد ٿيو ۽ ان جو اولاد بہ هلاڪ ٿيو. جيئن شيخ احمد بن قاسم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي اولاد مان آهن، هڪ بدبخت هڪ پيري انهن کي سخت تڪليف پهچائي، اجان ڪجهہ ئي عرصو گذريو هو تہ الله پاڪ ان کي تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيو، ايستائين جو ان جي اولاد مان ڪو بہ باقي نہ بچو، ربِّ ڪائنات ان جو نسل ئي ختم ڪري ڇڏيو. اهڙيءَ طرح وزير ناصرُ الدّين غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي اولاد پاڪ کي طرح طرح سان ستايو، ايستائين جو انهن کي بغداد شهر مان ڪڍي ڇڏيو. الله پاڪ ڪيس ان گستاخيءَ جي سزا ڏني ۽ هي وزير نهايت ئي دردناڪ طريقي سان مَري ويو. (قلائد الجواهر، صفحہ:56۔)

**الله پاڪ** اسان کي اولياءِ ڪرام جي گستاخي ۽ انهن جي دشمني کان هميشہ محفوظ فرمائي. الله ڪري تہ اسان جي دلين ۾ هميشہ اولياءِ ڪرام جي محبت جڳمڳائيندي رهي، ڪاش! انهيءَ محبت ۾ زنده رهون، انهيءَ ۾ مَرون، قيامت جي ڏينهن انهيءَ محبت سان ئي اٿون ۽ انهيءَ جي صدقي بنا حساب جي جنّت ۾ داخل ٿي وڃون. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مَحفُوظ سَدا رکھنا شہا! بے اَدَبوں سے
اور مُجھ سے بھی سَرزَد نہ کبھی بے اَدَبی ہو [1]

---

1 ... وسائلِ بخشش، صفحہ:315۔

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: علاقائي دورو

پيارا اسلامي ڀائرو! فتنن وارو دور هلي رهيو آهي، فتنا مختلف انداز سان ڪَرُ ڪڍي رهيا آهن، اهڙي حالات ۾ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي جو ديني ماحول الله پاڪ جي وڏي نعمت آهي، پنهنجي دل ۾ عشق رسول وڌائڻ، صحابہ و اهل بيت ۽ اولياءِ ڪرام جي محبت جو ڏيئو دل ۾ ٻارڻ جي لاءِ هن ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو! 12 ديني ڪمن ۾ خوب وڌي ڪري حصو وٺو. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! دين ۽ دنيا جون بيشمار ڀلايون نصيب ٿينديون. 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: علاقائي دورو بہ آهي. ❁**حديث پاڪ جو خلاصو آهي:** جيڪي قدم راهِ خُدا ۾ خاڪ آلود ٿين، انهن کي جهنم جي باهہ نہ ڇُهندي. (مسند امام احمد،جلد:6، صفحه:507، حديث:16356۔) ❁نيڪي جي دعوت ڏيڻ، بُرائي کان منع ڪرڻ جي لاءِ گهر کان نڪرڻ بہ راهِ خدا ۾ نڪرڻ آهي. ❁اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نيڪي جي دعوت ڏيڻ جي لاءِ بازار ۾ تشريف ڪڻي ويندا هئا. ❁مختلف قبيلن ۾ وڃي ڪري نيڪي جي دعوت ڏيندا هئا. ❁دعوت اسلامي وارا عاشقانِ رسول بہ هن پياري ادا کي ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ❁گهر گهر، دڪان دڪان وڃي ڪري نيڪي جي دعوت ڏيندا آهن.❁ ماڻهن کي مسجد ۾ اچڻ جي دعوت ڏني ويندي آهي.❁ نمازن جي ترغيب ڏياري ويندي آهي. اسان ان کي علاقائي دورو چوندا آهيون.

اسان کي گهرجي تہ اسان سڀ بہ عاشقانِ رسول سان گڏجي علاقائي دوري ۾ شِرڪت ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريون، اِنْ شَآءَ اللّٰه! نيڪي جي دَعوَت ڏيڻ ۽ عِلْمِ دين ڦهلائڻ جو ثواب ملندو. نيڪي جي دَعوَت ڏيڻ جو ثواب ڇا آهي؟ اچو! اهو بہ ٻُڌي وٺون ٿا، بي چين دِلين جي چين، رَحمتِ دارين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: ڇا مان توهان کي اهڙن ماڻهن جي باري ۾ نہ ٻڌايان جيڪي نہ نبي آهن، نہ

شهيد، پوءِ بہ روزِ قيامت انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام ۽ شهيد انهن جو مقام ڏسي رَشڪ ڪندا اهي ماڻهو نور جي منبرن تي بلند هوندا، هي اهي ماڻهو آهن جيڪي اللّٰه پاڪ جي ٻانهن کي اللّٰه پاڪ جو محبوب(يعني پيارو) بڻائي ڇڏيندا آهن ۽ هو زمين تي نصيحتون ڪندي هلندا آهن. عرض ڪيو ويو: هو ڪهڙي طرح ماڻهن کي اللّٰه پاڪ جو محبوب بڻائيندا آهن؟ فرمايائون: هو ماڻهن کي اللّٰه پاڪ جي پسنديده ڳالهين جو حڪم ڏيندا آهن ۽ بُري ڳالهين کان منع ڪندا آهن. اچو ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌايان ٿو.!

## غِير مسلمن جو قبول اسلام

ضلعو غازي پور (يوپي، هند) هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي عصر جي نماز کان بعد علاقائي دوري جي سلسلي ۾ هڪ حجم جي دڪان تي پهتاسين جتي ڪجھ ماڊرن نوجوان ڪچهريءَ ۾ مصروف هئا، رهنما اڳتي وڌي ڪري تعارف ڪرايو تہ نيڪي جي دعوت ڏيڻ واري اسلامي ڀاءُ فوراً ڏکوئيندڙ انداز ۾ نيڪي جي دعوت ڏيڻ شروع ڪئي. نيڪي جي دعوت کان بعد انهن کي مسجد هلڻ جي دعوت ڏني انهن انڪار ڪيو پر عاشقانِ رسول جي محبت ڀري اصرار تي آخرڪار اهي نماز کان بعد ٿيڻ واري بيان ۾ شرڪت ڪرڻ تي راضي ٿي ويا. نماز کان بعد جيئن ئي بيان شروع ٿيو اهي سيئي اچي ويا، بيان جي آخر ۾ ايمان جي دولت جي اهميت کي اجاگر ڪندي ايمان جي حفاظت جي لاءِ فڪرمند رهڻ جو ذهن ڏنو. ان کان بعد هُو مسجد کان ٻاهر هليا ويا. اجا ٿورو ئي وقت گذريو هوندو جو اهي وري واپس آيا انهن جي چهرن جا تاثرات ڪنهن وڏي انقلاب کي ظاهر ڪري رهيا هئا، اهي چوڻ لڳا: اسان غير مسلم آهيون اسان کي ڪلمو پڙهائي مسلمان ڪري ڇڏيو! اسان مسلمان ٿيڻ چاهيون ٿا. امير قافلہ فوراً ڪلمو شريف پڙهائي ڪري انهن سيني

کي مسلمان ڪري ڇڏيو. پوءِ امير قافلہ اسلام آٽڻ جي خوشي ۾ سيني کي مبارڪباد ڏني. اهي چوڻ لڳا اسان بيان ۾ قبر جا حالات ٻڌا تہ قبر چڱا ڪم ڪرڻ وارن سان ڪهڙو معاملو ڪندي آهي ۽ برا ڪم ڪرڻ وارن سان ڪهڙو ڀيانڪ سلوڪ ڪندي آهي اسلامي تعليمات جي مطابق اوهان جو سُنّت تي عمل ۽ دين ۽ ايمان جي حفاظت جي لاءِ ڪڙهڻ ڏسي ڪري دل ۽ دماغ گواهي ڏني تہ اهل اسلام ئي حق ۽ سچ جا داعي ۽ راهِ نجات جا مسافر آهن.

(فيضان صديقِ اڪبر، صفحہ:140-141 خلاصتہً)

مقبول جہاں بھر میں ہو دعوتِ اسلامی | صدقہ تجھے اے ربّ غفّار! مدینے کا [1]

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## اَوقاتُ الصَّلٰوۃ“ موبائل ايپلي ڪيشن

**پيارا اسلامي ڀائرو !** الحمد للّٰہ! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي اِسمَارٽ فون (smartphone) جي ذريعي بہ عِلمِ دين عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. هن حوالي سان دَعوَتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊپارٽمنٽ طرفان مختلف موبائل ايپلي ڪيشنز جاري ڪيون ويون آهن، انهن مان هڪ ايپلي ڪيشن آهي:Prayer Times (يعني اَوقاتُ الصّلوٰۃ) . هن ايپلي ڪيشن جي مدد سان نمازن جا وقت معلوم ڪري سگهجن ٿا، هن ۾ ڪمپاس بہ ڏنو ويو آهي، جنهن جي مدد سان قبلي جو دُرست طرف معلوم ڪري سگهجي ٿو، ان کان عِلاوه ڊيجيٽل تسبيح، اسلامي ڪيلنڊر، مختلف اَوراد ۽ وَظائِف وغيره بہ شامِل آهن. اوهان بہ پنهنجي موبائل ۾ اها ايپلي ڪيشن انسٽال ڪريو ۽ ٻين

---

[1] ...وسائلِ بخشش،صفحہ:180۔

کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

**پيارا اسلامي ڀائرو!** بَيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت، کجھ سُنّتون ۽ آداب بَيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِرسالت، شَهنشاهِ نُبُوت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سُنّت سان مَحَبَّت ڪئي ان مون سان مَحَبَّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحَبَّت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سينہ تيری سُنّت کا مدينہ بنے آقا! | جنت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## قيمت (Rate) گھٽ ڪرائڻ سنّتِ مصطفٰي آهي

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: اللّٰه پاڪ ان شخص تي رحم فرمائي جيڪو وڪڻڻ ۽ خريد ڪرڻ ۾ آساني ڪري.

(مسند ابی يعلٰی، جلد:5، صفحہ:195، حديث:6824ملتقطاً)

**اي عاشقانِ رسول!** ڪا بہ شيءِ خريد ڪرڻ وقت قيمت گھٽ ڪرائڻ سنّت آهي. (مرآة المناجيح، جلد:4، صفحہ:304بتغير قليل) ❁ اعلٰي حضرت، امام اهلِ سنّت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: قيمت (يعني **Rate** ۾ گھٽتائي) جي لاءِ حجّت (يعني بحث ۽ تڪرار) ڪرڻ بهتر آهي بلڪ سنّت آهي. (فتاوٰی رضويہ، جلد:17، صفحہ:128) ❁ هڪ ڀيري سُوَيد بن قيس رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه ڪپڙا ڪٽي ڪري مڪي شريف ۾ آيا تہ پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن انهن کان ڪجھ ڪپڙا خريد ڪيا. حضرت سُوَيد بن قيس رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه فرمائن ٿا: مصطفٰي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اسان کان قيمت طئي ڪئي، ڪجھ گھٽ ڪرائي، آخر ۾ اهو

[1] مشكوٰة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة ،الفصل الثاني،55/1،حديث:175

**ڪپڙو خريد ڪيو.** (ابو داود، ڪتاب:البيوع، باب:الرجحان فی الوزن، صفحہ:536، حديث:3336) **امام غزالي** رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه **فرمائن ٿا:** **ڪمزور** (مثال طور پوڙهي) **يا فقير** (يعني غريب ۽ محتاج) **ڪان ڪا شيءِ خريد ڪري تہ ان تي آساني ڪندي ان ڪان مهانگي ريٽ تي شيءِ خريد ڪري، هي نيڪي جو ڪم آهي.** (اِحْيَاءَ الْعُلوم مترجم، جلد:2، صفحہ:313بتغير قليل) **ڪجھ خريدار ريٽ گھٽ ڪرائڻ جي لاءِ ۽ دڪاندار ريٽ گھٽ نہ ڪرڻ جي لاءِ ڪوڙ ڳالهائيندا بلڪ ڪجھ تہ ڪوڙا قسم بہ کڻي وٺندا آهن، هي گناھ ۽ حرام ۽ جهنّم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي.**

ڪاش! اسان خريد و فروخت ۽ ٻين تمام معاملن ۾ شريعت جا پيروڪار ۽ سنّت جا آئينہ دار بڻجي وڃون. اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ